SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXVIII OF 2013
# سنڌ ڪول ايڪٽ، 2012
# THE SINDH COAL ACT, 2012
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

حصو-II

ڪوئلي سان لاڳاپيل سرگرمين جو انتظام

ADMINISTRATION OF COAL ACTIVITIES

3. ڪوئلي جي کاڻين جي انسپيڪٽوريٽ
Inspectorate of Coal Mines

4. مائيننگ ڪميٽي
Mining Committee

حصو-III

کاڻون کوٽڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل قدم

COAL MINING AND RELATED OPERATIONS

5. ڪوئلي جو عنوان
Coal Title

6. ماحولياتي اثر ۽ سماجي تشخيص
Environmental impact and Social assessment

7. ماحولياتي انتظام جو منصوبو
Environment Management Plan

8. صحت ۽ بچاءَ جو منصوبو
Health and safety plan

9. ٻيهر آبادڪاريءَ جي حڪمت عملي
Resettlement Policy

10. ڪارپوريٽ سماجي ذميداري
Corporate Social Responsibility

11. ڪول سيڪٽر پاليسيز
Coal Sector Policies

## حصو - IV

## ڪوئلي تي لڳايل سيڙپڪارين جو تحفظ
## PROTECTION OF COAL INVESTMENTS

12. سيڙپڪاري
Investment

13. قانونن، قاعدن ۽ ضابطن جو لاڳو ٿيڻ
Application of Laws, rules and regulations

14. حڪومت طرفان سهولتڪاري
Facilitation by Government

15. فيس، چارجز ۽ ضمانتون
Fees, charges and guarantees

16. مالڪاڻو
Royalty

## حصو- V

## متفرقات

## MISCELLANEOUS

17. ضمانت

Indemnity

18. ٻين قانونن تي اثر

Act to override other laws

19. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

20. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXVIII OF 2013
# سنڌ ڪول ايڪٽ، 2012
# THE SINDH COAL ACT, 2012

[26 مارچ 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪوئلي جي انتظام ۽ ترقيءَ لاءِ قدم کنيا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪوئلي جي انتظام ۽ ترقيءَ لاءِ قدم کڻڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن ڪي نبيرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت جوڙي عمل ۾ آندو ويندو:

## حصو-I

## شروعاتي

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڪول ايڪٽ، 2012 سڏيو ويندو.

(2) هن جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) "ڪوئلو" مطلب معدنيات جيڪا زمين جي تہ هيٺ ملي هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي معدني ڪوئلو، ڏامر ڪوئلو گهٽ درجي وارو ڏامر ڪوئلو ۽ خاڪي ڪوئلو.

(ii) "ڪوئلي جي کاڻ" مطلب اهڙي ڪوئلي اهڙو ذخيرو

جنهن مان ڪوئلي جي پيداوار، پروسيسنگ ۽ جوڙجڪ ڪري سگهجي؛

(iii) "ڪوئلي جو عنوان" مطلب هڪ قانوني عنوان جنهن ۾ شامل آهي سجاٽپ جو لائسنس، وضاحتي لائسنس، معدني ذخيري جي حوالي جو لائسنس ۽ کاڻ کوٽائي جي ليز؛

(iv) "ذخيرو" مطلب ڪوئلي جو ذخيرو جيڪو ڪنهن به صورت ۾ اقتصادي طور تي استعمال ٿيندو هجي؛

(v) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(vi) "رکندڙ" مطلب اهو شخص جنهن جي نالي تي حڪومت طرفان ڪوئلي جو عنوان جاري ڪيو ويو آهي ۽ جنهن ۾ شامل آهي ان جو عنوان ۾ فائدو حاصل ڪندڙ؛

(vii) "لائسنسي" مطلب اهو شخص يا ڪمپني جنهن کي لائسنس ڏنو ويجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي عنوان يا وياج ۾ هن جو وارث؛

(viii) "کاڻ کوٽڻ" مطلب اهو طريقو جنهن ذريعي ڪوئلو ڪڍيو وڃي، جنهن ۾ شامل آهي، سطح جي کوٽائي، سطح هيٺ کوٽائي، زمين جي سطح هيٺ ڪوئلي کي گئس ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ٻيا طريقا؛

(ix) "گهيريل ايراضي" اها ايراضي جيڪا ڪوئلي واري هڏ تي طبعي طور تي واضح ڪئيۦ ورهائي وئي هجي؛

(x) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل.

## حصو-II

## ڪوئلي سان لاڳاپيل سرگرمين جو انتظام

## ADMINISTRATION OF COAL ACTIVITIES

**ڪوئلي جي کاڻين انسپيڪٽوريٽ**
Inspectorate of Coal Mines

3.(1) هڪ ڪوئلي جي کاڻين جي انسپيڪٽوريٽ هوندي، جيڪا ڪوئلي ۽ توانائي جي ترقيءَ واري کاتي سان لاڳاپيل هوندي، جيڪا ڪوئلي جي کاڻين جي تحفظ، بچاءَ ۽ بازيابيءَ وارن مامرن، کاڻن جي ماحولياتي نمونن جي چڪاس ڪرڻ، ڪوئلي جي کاڻين جي مزدورن جي صحت ۽ ڀلائيءَ جي نظرداري ڪرڻ ۽ ان جي عملي جي تربيتي ۽ چڪاس لاءِ گنجائشون جوڙڻ ۽ انهن تي عملدرآمد ڪرڻ ۽ لاڳو ڪرڻ لاءِ ذميوار هوندي.

(2) حڪومت گهربل قابليت رکندڙ شخص کي صوبي جي سمورين ڪول فيلڊس لاءِ چيف انسپيڪٽر مقرر ڪري سگهي ٿي ۽ گهربل قابليت رکندڙ ماڻهو ڪوئلي جي کاڻين جا انسپيڪٽر مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي چيف انسپيڪٽر جي ماتحت هوندا.

**مائينگ ڪميٽي**
Mining Committee

4.(1) حڪومت هڪ ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي، جنهن جو سربراهه ڪوئلي جي کاڻين جو ڊائريڪٽر جنرل هوندو ۽ اهڙا ٻيا ميمبر جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڪميٽي اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## حصو ـ III

## کاڻون کوٽڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل قدم

**ڪوئلي جو عنوان**
Coal Title

5.(1) حڪومت هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت ڪول ٽائيٽل جاري ڪري سگهي ٿي.

(2) ڪو شخص، ڪمپني يا ٻي ڪا قانوني هستي هن ايڪٽ تحت حڪومت طرفان ڪول ٽائيٽل جاري ٿيڻ

ڪانسواءِ سجاٽپ، واڌ ويجهه، ذخيرو ڪيڻ ۽ ڪوٺائي جو ڪم نہ ڪري سگهندا.

(3) ڪول ٽائيٽل ان جي رڪنڊڙ ڪي علائقي ۾ انهيءَ حد اندر ڪوٺائي جون سرگرميون ڪرڻ جو بااختيار بڻائيندو، جيڪي ڪاڻ ڪوٺائي ۽ ٻين سرگرمين لاءِ گهربل هونديون.

(4)ڪول ٽائيٽل ان جي رڪنڊڙ ڪي زمين ۾ ڪو بہ مالڪي جو حق نہ ڏيندو.

ماحولياتي اثر ۽ سماجي تشخيص
Environmental impact and Social assessment

6.ڪوئلي جي واڌ ويجهہ يا ڳولها، ڪوئلي جي بنياد تي توانائي پيدا ڪرڻ يا ڪوئلي جي ڪنهن بئي استعمال ۾ رڌل سمورا ماڻهو ۽ ڪمپنيون ماحولياتي اثر ۽ سماجي تشخص تي ڌيان ڏيندا، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ماحولياتي انتظام جو منصوبو
Environment Management Plan

7. ڪوئلي جي واڌ ويجهہ يا ڳولها، ڪوئلي جي بنياد تي توانائي پيدا ڪرڻ يا ڪوئلي جي ڪنهن بئي استعمال ۾ رڌل سمورا ماڻهو ۽ ڪمپنيون ماحولياتي انتظامي منصوبو جوڙيندا، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

صحت ۽ بچاءَ جو منصوبو
Health and safety plan

8. ڪوئلي جي واڌ ويجهہ يا ڳولها، ڪوئلي جي بنياد تي توانائي پيدا ڪرڻ يا ڪوئلي جي ڪنهن بئي استعمال ۾ رڌل سمورا ماڻهو ۽ ڪمپنيون صحت ۽ تحفظ جو منصوبو جوڙيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ٻيهر نبيري جي حڪمت عملي
Resettlement Policy

9. ڪوئلي جي واڌ ويجهہ يا ڳولها، ڪوئلي جي بنياد تي توانائي پيدا ڪرڻ يا ڪوئلي جي ڪنهن بئي استعمال ۾ رڌل سمورا ماڻهو ۽ ڪمپنيون حڪومت جي ري آبادڪاريءَ

واريءَ حڪمت عملي تي عمل درآمد ڪندا.

| | |
|---|---|
| ڪارپوريٽ سماجي ذميداري<br>Corporate Social Responsibility | 10. ڪوئلي جي واڌ ويجهه يا ڳولها، ڪوئلي جي بنياد تي توانائي پيدا ڪرڻ يا ڪوئلي جي ڪنهن ٻئي استعمال ۾ رڌل سمورا ماڻهو ۽ ڪمپنيون پنهنجي ذميداري ڪارپوريٽ سوسائٽي ريسپانسيبلٽي گهرجن مطابق پوري ڪندا،جيئن بيان ڪيو ويو هجي. |
| ڪول سيڪٽر پاليسيز<br>Coal Sector Policies | 11. حڪومت ڪول سيڪٽر جي ترقيءَ لاءِ بشمول ڪوئلي جي واڌ ويجهه ۾ ڪوئلي جي استعمال، ڪوئلي جي بنياد تي توانائي پيدا ڪرڻ، جنريشن، ڪوئلي مان گيس ناهڻ، ان کي پاڻيٺ ۾ تبديل ڪرڻ، وڌيڪ مفيد ڪرڻ، يا ڪوئلي جي ڪنهن ٻئي استعمال ڪانسواءِ حڪمت عملي جوڙي سگهي ٿي. |

## حصو -IV

## ڪوئلي تي لڳايل سيڙپڪارين جو تحفظ

## PROTECTION OF COAL INVESTMENTS

| | |
|---|---|
| سيڙپڪاري<br>Investment | 12.حڪومت نجي ڪوئلي جي کوٽائي جي مالڪي ۽ سيڙپڪاري جي اجازت ڏئي سگهي ٿي، جنهن ۾ شامل آهي مقامي يا عالمي ڪارپوريشنز، گڏيل طور، ڀائيواري، سول پروپرائيٽر شپس يا ڪا ٻي قانوني بيهڪ واري کي جيئن بيان ڪيو ويو هجي. |
| قانونن، قاعدن ۽ ضابطن جو لاڳو ٿيڻ<br>Application of Laws, rules and regulations | 13. ڪول ٽائيٽلس رڪنڊز ۽ انهن جي ماتحت ٺيڪيدارن تي سيڙپڪاري، ٽيڪس ۽ بئنڪنگ جي سلسلي ۾ وقتي طور لاڳو قانون، قاعدا ۽ ضابطا لاڳو ٿيندا. |

| | |
|---|---|
| 14. هن ايڪٽ جي گنجائشن تي عمل درآمد لاءِ حڪومت ڪول ٽائيٽلس رکندڙن کي پنهنجا اثاثا ۽ ڪاروبار سنڀالڻ، پيٽي ٺيڪيدار رکڻ ۽ ڪوئلي جي سرگرمين کي هلائڻ لاءِ گهربل ماڻهو ڀرتي ڪرڻ لاءِ سموريون ضروري سهولتون ڏئي سگهي ٿي، بشرطيڪ ماڻهن جي ڀرتيءَ وقت مقامي ماڻهن ۽ صوبي سنڌ جي ماڻهن کي اوليت ڏني ويندي. | حڪومت طرفان سهولتڪاري Facilitation by Government |
| 15. ڪول ٽائيٽلس رکندڙ فيس، چارجز ادا ڪندا ۽ ضمانتون ڏيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | فيس، چارجز ۽ گارنٽيز Fees, charges and guarantees |
| 16. ڪول ٽائيٽل رکدڙ سموري صفائي ڪيل يا ٻئي ڪڍيل ڪوئلي اهڙي نرخ تي مالڪاڻو ڏيندا. جيئن طئي ڪيو ويو هجي. | رايلٽي Royalty |

## حصو-V
## متفرقات

| | |
|---|---|
| 17. هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت يا ڪنهن بہ شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي. | ضمانت Indemnity |
| 18. هي ايڪٽ تيستائين موثر هوندو جيستائين وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي ڪجهہ متضاد نہ هجي. | ٻين قانونن تي اثر Act to override other laws |
| 19. جيڪڏهن هن ايڪٽ جون گنجائشون لاڳو ڪرڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي تہ حڪومت هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي ٻن سالن اندر اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن جي متضاد نہ هجن، جيڪي اهڙي رڪاوٽ هٽائڻ جي مقصد لاءِ ضروري هجن. | رنڊڪون هٽائڻ Removal of difficulties |

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

20. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن ايڪٽ جي گنجائشن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ايڪٽ سان لاڳاپيل قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**